ڊاڪٽر عبدالغفور بلوچ
ڊاڪٽر عنايت حسين لغاري
سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي، ڪراچي
احمد الدين شر
چيئرمين/ريسرچ اسڪالر
شعبہ علوم اسلامي، وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي

# سنڌ جو ناميارو عالم دين، مفسر قرآن ۽ شاعر مولانا عبدالله چانڊيو (تحقيقي مقالو)

# MOLANA ABDULLAH CHANDIO: A FAMOUS RELIGIOUS SCHOLAR, INTERPRETER OF QURAN AND POET OF SINDH– A RESEARCH ARTICLE

**Abstract**

Sindh has been remaining the centre of Saints and Scholars for centuries. The saints spread the Islam by the way of *"Tasawaf"*, while the scholars attracted the people to the Islam by serving in the field of knowledge and literature. Thus they served the Islam to bring the human being into the peaceful circle of it.

This article presents a brief introduction of a famous scholar of Sindh who had not only served in the field of religious affairs, but was a prominent name of Sindhi Literature. He was *Molana Abdullah Chandio ,* who was not only a scholar, but was also a versatile poet of Sindhi, Arabic and Persian languages, simultaneously. He also served in Explanation of Holy Quran. His poetry is very effective combination of words and meaning. There is a great need that the literary work done by Molana Abdullah Chandio may be bring to the knowledge seekers; surely his work will benefit the humanity very well.

سنڌ جي سر زمين صدين کان تهذيب ۽ ثقافت جو مرڪز رهي آهي. جنهن جي ثابتي "موهن جو دڙو" جا آثار آهن ۽ جيڪو هندستان جي قديم آثارن جهڙوڪ هڙاپا، سانچي، ڪارلي، تشڪلا وغيره کان بہ آڳاٽو آهي. ناميارو تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب جنت السنڌ ۾ سر جان

مارشل جي حوالي سان لکي ٿو تہ ”پنج هزار سال ق.م اڳ سنڌ ۽ پنجاب جا ماڻهو دنيا جي متمدن ماڻهن وانگرپڪين ۽ خوبصورت جايون جوڙي شهرن ۾ رهندا هئا ۽ سنڌن تمدن، هنر ۽ ڪاريگري بلند درجي جي هئي ۽ سنڌن اکرن لکڻ جو طريقو بہ سڌريل نموني جو هو.“ (1)

سنڌي ماڻهن جي اوج ۽ ڪمال جي شاهدي اسان کي موهن جو دڙو، آمري ۽ ٻين سڌريل تهذيبن جي نشانن مان ملي ٿي.

موهن جو دڙو بنيادي طور تي هڪ شهري تهذيب هئي جيڪا 3250 قبل مسيح ۾ شروع ٿي ۽ 2800 ق.م کان 2500ق.م جي وچ واري عرصي ۾ پنهنجي عروج کي پهتي. تهذيبن جي عالمي تاريخ جي بيان موجب موهن جو دڙو هڪ اهڙي تهذيب هئي جنهن ۾ عالمي معيارن وارو معاشرو قائم ڪيو ويو ۽ اتان جي شهرين جا ٻاهرين دنيا سان وسيع واپاري لاڳاپا هئا. شهر مڪمل رٿابندي سان تيار ڪيو ويو هو ۽ هر گهر ۾ غسل خانا ۽ پاڻي جي نيڪال جو عمدو نظام موجود هو. (2)

خوشي ۽ خوشحالي جا دشمن بہ گهڻا هوندا آهن، ان سبب ڪري سنڌي ماڻهو بہ گهڻو عرصو مختلف بهانن سان ڌارين قومن جي حملن ۽ ڪاهن سبب نقصان هيٺ ايندا رهيا، پر پوءِ بہ سنڌن خوشحالي قائم رهي.

تاريخ جي ورقن ۾ نگاهہ ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ سنڌ جي خوشحاليءَ جي ڪري صدين کان وٺي، ان تي ڌارين قومن جو ڪاهون ٿينديون رهيون آهن. قبل مسيح واري دؤر کان اڳ ۾ مصرين، ڪلدانين، بابل ۽ اشور وارن، ايرانين، يونانين (جن ۾ سڪندر مقدوني جو نالو پڻ اچي وڃي ٿو)جون ڪاهون ٿينديون رهيون. (3)

برصغير ۾ اسلام سنڌ جي رستي ٻين علائقن تائين ڦهليو. ان ڪري سنڌي ماڻهن اسلامي علمن ۾ پڻ پنهنجو نالو ڪيو: پوءِ اها اسلام جي تبليغ هجي، ڪتبخانن جو قيام هجي يا وري قرآن مجيد جو ترجمو، مطلب تہ سنڌي عالمن اسلام جي واڌاري لاءِ پڻ تمام گهڻو ڪم ڪيو.

اسلام جي نشر ۽ اشاعت ۾ پڻ سنڌ کي هڪ اهم حيثيت حاصل آهي. مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب تاريخ تمدن سنڌ ۾ لکي ٿو تہ ڏکڻ ايشيا ۾ سنڌ ئي اهو پرڳڻو آهي جنهن کي ”باب الاسلام“ ڪري سڏيو ويو آهي، ڇو جو ڏکڻ ايشيا ۾ سڀ کان پهريان سنڌ منجهان ئي اسلام جي روشني ٻين علائقن تائين پهتي. (4)

قرآن ڪريم جي ترجمي جي ڳالهہ اچي تہ اها فضيلت بہ سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي ئي آهي تہ قرآن ڪريم جي ٻين ٻولين ۾ ترجمي جي شروعات بہ سنڌي ٻوليءَ کان ٿي. مولائي شيدائي موجب سنڌ جي هڪ سنڌي عرب حاڪم عبدالله بن عمر هباري، الور جي راجا مهروگ (مهروق) جي فرمائش تي ، منصوره جي هڪ سنڌي عرب عالم کي جيڪو سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ پڻ مهارت رکندو هو، راجا ڏانهن موڪليو. هن

عالم راجا وٽ ٽن سالن تائين رهي قرآن ڪريم جو سنڌي ٻوليءَ ۾ تفسير لکي پيش ڪيو جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ راجا اندروني طور مسلمان ٿي ويو. (5)

ايئن قرآن ڪريم جي ترجمي جي سعادت بہ سنڌ جي حصي ۾ آئي. انهيءَ بابت سرور سيف پنهنجي ڪتاب ”جي مون ماڻڪ ميڙيا“ ۾ وڏيڪ ٻڌائي ٿو تہ اهو ترجمو سنہ 883ع ۾ ٿيو جيڪو خط مسعودي ۾ لکيو ويو هو. (6)

انهيءَ سڳوريءَ سنڌ جي ڪک منجهان وڏا محدث، مفسر، مصنف، مجاهد، فقيہ، فلاسافر، شاعر ۽ سياستدان پيدا ٿيا جيڪي سنڌ ڌرتيءَ جي سڃاڻ بڻجي ويا ۽ انهن تاريخ تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا. انهن عالمن پنهنجي علم جي سڳنڌ سان سموري عرب توڙي عجم کي واسي ڇڏيو. امام ابو حنيفہ جهڙي شخصيت بہ انهيءَ خطي جي پيداوار آهي جيڪو ڪنهن وقت سنڌ جي علائقن ۾ شامل هو. آئين اڪبري جو مصنف ابو الفضل فيضي، پڻ سنڌ ڌرتيءَ جو ڄائو هو. علامہ فيضي تفسير ”سواطع الالهام“ لکيو جيڪو پوري قرآن ڪريم جي بنا نقطي عربي تفسير آهي. هن ۾ اهڙا تہ بي نقطي عربي وضعدار لفظ ڪتب آندا ويا آهن جنهن جو مثال اڄ تائين دنيا ۾ ڪوبہ پيش ڪري نہ سگهيو آهي. (7)

هونئن تہ سنڌ سموري سون ورني آهي، ۽ هن جي هر علائقي مان ڪيترائي عظيم انسان پيدا ٿيا، پر اسان ڳالهہ ڪنداسين لاڙڪاڻي ضلعي جي، جنهن جو پراڻو نالو چانڊڪا هو. هي علائقو مردم خيزيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

ماضي قريب ۾ علمي افق تي بہ هستيون اهڙيون ٿي گذريون آهن جن جي علمي خدمتن کي علمي حلقن ۾ هميشہ جي لاءِ ياد رکيو ويندو. انهن عظيم شخصيتن ۾ هڪ مولانا عبدالله ”عبد“ ۽ علامہ غلام مصطفیٰ ”قاسمي“ اچي وڃن ٿا. هنن ٻنهي بزرگن ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون مشترڪ رهيون جهڙوڪ، هي ٻئي بزرگ شخصيتون ذات جا چانڊيا هئا، ٻئي پهريان مولانا خوش محمد ميروخاني ۽ پوءِ حضرت علامہ عبدالڪريم ڪورائي، ڪور سليمان وارن وٽ پڙهيا، ٻنهي دارالعلوم ديوبند مان فيض ورتو ۽ ٻئي پنهنجي پائرن ۾ سڀ کان نندا هئا. مولانا عبدالله چانڊيو 15 صدي جي هڪ عظيم عالم دين، مفسر قرآن، اديب ۽ شاعر طور اڀريو. (8)

تحقيق جي مختلف ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ مولانا عبدالله چانڊيو جو تعلق چانڊيا قبيلي جي 43 شاخن مان ارڙهين شاخ، يعني قنبراڻي چانڊين جي ٻارهن قبيلن، مان مشهور ٽينگلاڻي پاڙي سان هو.

مولانا جا وڏا جاگير چانڊيا جي هڪ بستي جيڪا گلاب ماڙي جي نالي سان مشهور هئي ۽ چانڊڪا پرڳڻي (هاڻوڪي لاڙڪاڻي) ۾ اچي وڃي ٿي، جا رهاڪو هئا. ڪن اڻ وڻندڙ حالتن جي ڪري گلاب ماڙي کان لڏي سکر ضلعي جي ڳڙهي ياسين تعلقي جي هڪ ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا جيڪو ”ملا جي ڳوٺ“ سان مشهور علمي ڳوٺ

هو. هتي اچي هُنن هن ڳوٺ کي پنهنجو مستقل ٺڪاڻو بڻائي ڇڏيو.

مولانا عبدالله جي ولادت هڪ درويش صفت انسان ملا غلام حيدر چانڊيو جي گهر ۾ سنہ 1321ھ مطابق 1903ع ڌاري ٿي. پيدائش وقت سندس نالو "هزار خان" رکيو ويو. (9)

مولانا جي اسڪول رجسٽر ۾ داخلا موجب ڄم جو سال 1905ع ڄاڻايل آهي جڏهن تہ داخلا جو سال 1909 ڄاڻايل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ چار سالن جو ٻار ميل پنڌ تائين اسڪول نٿو پيو وڃي سگهي. تنهن ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مولانا جي اصل ڄم جو سال 1903 ئي آهي. مولانا عبدالله پنهنجي ڀائرن ۾ سڀ کان ننڍو هو جنهن ڪري پيءُ جو لاڏلو هو.

سندس نالو هزار خان مان متجي عبدالله ڪيئن پيو؟ ان لاءِ چون ٿا تہ سندس طبيعت اڪثر ناچاق رهندي هئي. هڪ دفعي سندن مرشد سيد اچن شاھ اتفاق سان اتي اچي نڪتو. سندس والد پنهنجي مرشد کي هزار خان جي طبيعت جي اڪثر ناچاقي جي شڪايت ڪئي. سيد صاحب ان جي طبيعت پرکي ورائيو تہ هن معصوم جو نالو ڇا آهي؟ جواب ڏنو ويو تہ سائين هن جو نالو هزار خان آهي. شاھ صاحب ان تي چيو تہ هزار خان معنيٰ آزاد خان، پوءِ مرشد سندس نالو مٽائي "عبدالله" رکيو. (10)

مولانا عبدالله ابتدائي عصري تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ 1327ھ مطابق 1909ع ۾ پرائمري اسڪول ڳوٺ واصل، لڳ علي خان تعلقو ڳڙهي ياسين ۾ داخل ڪيو ويو جتي ستين درجي، جيڪو ان وقت ۾ فائنل سنڌي لکيو ويندو هو، تائين پڙهيو.

جيئن تہ مولانا جي گهر ۾ قرآن پاڪ جي تعليم کي بنيادي اهميت حاصل هئي، ان ڪري هن پهرين پنهنجي والد جي سرپرستيءَ ۾ ۽ پوءِ ملا عبدالرحيم جوڻيجي وٽان قرآن پاڪ جي تعليم پڻ حاصل ڪئي. (11)

مولاناؒ کي پرائمري تعليم سان ڪا بہ دلچسپي ڪونہ هئي . اهو ئي سبب هو جو جڏهن کيس 1921ع ۾ سنڌي فائنل جي امتحان ۾ ويهاريو ويو تہ هو ناپاس ٿيو. وري 1922ع ۾ ٻيهر امتحان ۾ ويهاريو ويو پر شوق نہ هئڻ سبب هو ٻئي دفعي بہ ناپاس ٿيو.حقيقت هيءَ آهي تہ مولانا جي حافظي ۽ ذهن جي واکاڻ عالمن وٽ مڃيل آهي، پر الله تعاليٰ هن ٻي ٻاڪ عالم جي ڀاڳي ديني علم جي حاصل لکيل هئي جو هو عصري تعليم ڏانهن ڌيان نہ ڏئي سگهيو. (12)

مولانا موصوف پنهنجي پرائمري واري تعليم جي عرصي دوران شعر ۽ شاعري تي بہ طبع آزمائي ڪندو رهندو هو. جڏهن پنهنجي والدين جي خواهش مطابق سنڌي فائنل جو امتحان پاس نہ ڪري سگهيو تہ پنهنجي والد ۽ وڏي ڀاءُ عالم خان جي مشوري سان سنڌي پڙهڻ ڇڏي، ڳوٺ واصل جي پرسان علي خان ڳوٺ جي هڪ ديني مدرسي ۾ فارسي جي هڪ ماهر مولوي يار محمد سومري وٽ فارسي پڙهڻ

لاءِ وينو جيڪو فارسي ۾ سندس پهريون استاد هو.

مولانا کي جيئن ته شعر شاعري سان گهڻو لڳاءُ هو، تنهن ڪري هتي رهندي پنهنجي شاعري واري طبيعت ۽ ذهانت جي ڪري ڪريما کان سڪندر نامہ تائين هڪ ئي سال ۾ فارسي پوري ڪيائين. نہ رڳو ايترو پر فارسي ٻوليءَ ۾ شعر ۽ شاعريءَ ۾ بہ وڏي مهارت حاصل ڪيائين.

جيئن ته مولانا حاجي يار محمد سومرو هڪ تمام ئي لائق استاد هو جنهن سان مولانا موصوف کي تمام گهڻي محبت هئي. پاڻ پنهنجي استاد وٽ فارسي سکڻ بابت احوال پنهنجي هڪ شعر ۾ هن طرح بيان ڪيو اٿس:

پوءِ پڙهي مون فارسي استاد وٽ
مولوي حاجي يلي بنياد وٽ.
فارسي پوري ڪري پوءِ صرف ۾،
اسم ۽ فعل ۾ ۽ حرف ۾.(13)

مولانا صاحب ديني علوم، عربي ۽ فارسي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا ڪشالا ڪاٽيا ۽ مختلف عالمن جي خدمت ۾ حاضر ٿي انهن جي خدمت مان فيض حاصل ڪري، فني ۽ فڪري مهارت حاصل ڪيائين، جن مان چند عالمن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو

عربي جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا موصوف مختلف مدرسن ۾ پڙهيو. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان هو ڳوٺ اسحاق ديري تعلقي ڳڙهي ياسين مولانا محمد هاشم چني جي مدرسي ۾ ويو جتي مولانا عبدالڪريم ڪنڌر وٽ ويو. مولانا ڪنڌر ذات جو موچي هو ۽ ڳوٺ ڪنڌر لڳ شهر ڪيهر تعلقو ڳڙهي ياسين جو رهاڪو هو. پوءِ مولانا عبدالڪريم اسحاق ديرو ڇڏي ڪنڌرن ۾ آيو تہ مولانا بہ ساڻس گڏ آيو. (14)

مولانا ڪنڌر وٽ ڪجھ وقت تائين پڙهڻ کان پوءِ مولانا موصوف مولوي عبدالرحمٰن ڪوري وٽ مديجي ڏانهن پڙهڻ ويو. مولانا عبدالرحمٰن مولانا عبدالله بنگل ديرائي جو پائيٽيو هو. هتي رهندي مولانا عبدالله ”شرح مائة“ ترڪيب سميت پوري ڪئي.

پنهنجي علمي اڃ اجهائڻ خاطر هتان کان اڳتي مولانا حبيب الله نوناري وٽ ڳوٺ حيدر چانڊيي ۾ کهي ويو. مولانا حبيب الله جو مدرسو ڳوٺ جنگل تعلقو رتو ديرو ۾ هو جتي مولانا حبيب الله نوناري استاد هو . اتي رهندي مولانا عبدالله هداية النحو، ايساغوچي، ۽ ڪافيہ پڙهي. اونهاري جي گرمي جو تاب نہ سهندي اتان ڇڏي شيرڪوٽ لڳ حبيب ڪوٽ اسٽيشن مولانا عبدالواحد سيٺار وٽ ويو . جيڪو چڪ ضلعي شڪارپور جو ويٺل هو ۽ چڪائي جي نالي سان مشهور هو.

اجا وڏيڪ علم پرائڻ جي چاههمولانا کي شير ڪوٽ ۾ بہ ويهڻ نہ ڏنو ۽ هو مولانا خوش محمد ميروخانيءَ جي خدمت ۾ رسي عربي ٻوليءَ ۾ شعر و شاعري ۽ علم الانشاء ۾ ڪمال حاصل ڪيائين. وٽس رهندي نور الانوار، بديع الميزان، شرح تهذيب ۽ شرح جامي پڙهيائين. مولانا خوش محمد ميروخاني کي سنڌ ۾ ”استاد الڪل“ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. سنڌ جا نامور عالم ۽ ادب، شاعر ۽ بزرگ سندس علمي سلسلي جي ڪڙي ۾ ضرور جڙيل هوندا؛ مثال طور ان ڏس ۾ مولانا عبدالله چانڊيو ۽ علامہ غلام مصطفىٰ قاسمي جا نالا ان ڏس ۾ سر فهرست آهن.(15)

جيئن تہ مولانا عبدالله ميروخاني کي 60 جريب زمين هئي جنهن جي فڪر سبب مولانا جي سبقن ۾ ناغا ٿيندا هئا، جيڪا ڳالهہ مولانا موصوف جي طبيعت تي ڳري ٿي پئي. تنهن ڪري مولانا عبدالله ميرو خان کي خير آباد چئي تمام ئي مشهور عالم دين مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ، جيڪو ڪهاڙو جو لقب سان مشهور هو، ڳوٺ ڪور سليمان تعلقي قنمبر ويو.

پاڻ پورا ست سال مولانا عبدالڪريم ڪورائي وٽ گذاري چڱيءَ طرح سان پنهنجي علمي اڃ اجهايائون. انهيءَ عرصي دوران پاڻ علم منطق، فلسفو، فقہ، حديث، اصول حديث، علم المعاني، بديع، علم الحساب والعدد، علم الڪلام ۽ علم العروض ۾ ڪمال حاصل ڪيائون. مولانا عبدالله چانڊيو جي هم عصر ۽ نامور عالمن مان مولوي شاهہ محمد هڪڙو، مولوي علي احمد تنيو ۽ مولانا غلام مصطفىٰ قاسمي بہ ساڻس گڏ هتي ئي پڙهندا هئا.(16)

هندستان جي اندر ديني علمن جي حاصلات جي لاءِ دارالعلوم ديوبند هڪ تمام ئي وڏي پائي جو علمي مرڪز هو. ان جي بانيڪارن ۾ مولانا احمد علي سهارنپوري، مولانا رشيد احمد ۽ مولانا مولوي مظهررحمہ الله عليهم اجمعين جهڙيون بزرگ شخصيتون شامل هيون، جن جو ظاهري توڙي باطني فضل ۽ ڪمال روز روشن وانگر عيان هو.

مولانا عبدالله هن مدرسي جي واڪاڻ ٻڌي 1351هہ ڌاري، پنهنجي تعليمي رفيق مولانا علي انور تونيہ سان گڏ دارالعلوم ديوبند ڪهي ويو ۽ دوره حديث ۾ وينو. ان وقت اتي جي استادن ۾ مولانا حسين احمد مدني، مولانا غلام رسول پشاوري، مولانا اعزاز علي ۽ مولانا محمد طيب جهڙا ناميارا استاد شامل هئا جن وٽ مولانا عبدالله پڙهڻ لڳو.

جيئن تہ مولانا عبدالله چانڊئي کي علم الڪلام ۽ علم منطق تي ملڪو ۽ دست رس حاصل هو، انهيءَ ڪري لڳاتار ٽن مهينن تائين جزئي ۽ ڪلي تي بحث ٿيندو رهيو، پر مسئلي جو حل ٿيڻ يا نبرڻ ناممڪن نظر اچي رهيو هو. اهو مشهور بحث مولانا غلام رسول پشاوري سان ٿيو. انهي ڳالهہ مولانا کي دل شڪستہ ڪري

ڇڏيو جنهن ڪري واپس موٽي پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم ڪورائي ڪور سليمان واري وٽ آيو ۽ اتي باقي ڪتاب پڙهي پورا ڪري 1354ھ ۾ فضيلت جي دستار سان سرخرو ٿيو.

مولانا عبدالله پنهنجي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ پورا تيرنهن سال پورا ڪيا جنهن جو ذڪر پاڻ پنهنجي هيٺ ڏنل شاعري ۾ تمام ئي خوبصورت انداز ۾ ڪيو اٿس:

سال تيرنهن پئي پڙهيم عربي علوم
پوءِ بڻي دستار بندي جي رسوم.
آخري استاد هو عبدالڪريم،
ڪور وارو صاحب علم و فهيم.
ڇا ڪيان تعريف انجي باڪمال،
باڪمال و باڪمال و باڪمال.
جاءِ جنت ۾ ڏنس رب الڪريم،
ڪرم مالڪ جو هجي ان تي عميم.
تي مهينا سال ايڪونجاھ ۾،
ديوبندي مدرسي جي راھ ۾.
پڳ ٻڌي مون سال چو ونجاھ ۾،
جا هئي اميد هڪ الله ۾. (17)

دستار بندي کان پوءِ مولاناموصوف پهريائين پنهنجي "ملا جي ڳوٺ" ۾ هڪ ننڍڙو مدرسو قائم ڪيو جتي ويھ پنجويھ شاگرد رهندا هئا جن جي کاڌي ۽ رهائش جو خرچ بہ پنهنجي هڙان ڪندا هئا. ڪجھ عرصي کان پوءِ مولوي عبدالعزيز پانڌوي جي اسرار تي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ سندس مدرسي ۾ پڙهايائين. ڪن سببن جي ڪري مولانا عبدالعزيز پنهنجو مدرسو ڇڏي مدرسہ انوار العلوم ڪنڊيارو ضلعو نوشهرو فيروز ۾ پڙهائڻ ويو تہ مولانا عبدالله بہ هن مدرسي کي ڇڏي امروٽ شريف پڙهائڻ لاءِ ويو جتي ان وقت گادي نشين مولانا امروٽي جو پاٽئيو ميان نظام الدين هو. سندس پٽ مولانا شاھ محمد امروٽي اسڪول ڇڏي وٽن مدرسي ۾ پڙهڻ لڳو. هتي مولانا عبدالله کي ويھ پنجويھ رپيا ماهوار پگهار ملندي هئي. پاڻ هتي رهندي بيمار ٿي پيا جنهن ڪري اتان ڇڏي ڳوٺ موٽي آيا. ساڳئي ئي سال مولانا صاحب تعلقي قمبر جي ڳوٺ گهٽهڙ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو جتي پروفيسر مولوي عبدالحئي چانڊيو قمبر وارو ۽ مولوي عبدالواحد مهر اچي پڙهڻ لڳا. مولانا صاحب هتي ڇهن ستن سالن تائين پڙهايو ۽ پوءِ ڪن مقامي ماڻهن جي مخالفت سبب اتان ڇڏي مدرسہ اشاعت القرآن، لاهوري محلہ لاڙڪاڻي ۾ استاد ۽ جامع مسجد لاهوري

محلہ جا خطيب طور پنهنجا فرض نڀائڻ لڳو. ڪجهہ وقت هتي پڙهائڻ کان پوءِ مولانا چانڊيو صاحب تعلقي شڪارپور جي ڳوٺ گورڙي ڀهوڙ جي مدرسي ۾ اچي پڙهائڻ شروع ڪيو جتي مولانا حافظ عبدالله سکر واري وٽس ڪنز ۽ ڪافيہ پڙهيو. هي اهو مدرسو آهي جتي مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب پڻ ڪجهہ وقت پڙهايو هو. هن مدرسي ۾ ٻن سالن تائين پڙهائڻ کان پوءِ پاڻ ڀهريان ڪرڙاهہ ۽ پوءِ نيڙهي ضلعو خيرپور جي مدرسن ۾ بہ پڙهايو. 1952ع ڌاري سرائي خدابخش کهاوڙ جي مدرسي وارهہ ضلعي لاڙڪاڻي پڙهائڻ لاءِ ويا جتي لڳ ڀڳ نون سالن تائين پڙهايائين. ان کان پوءِ مختلف مدرسن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ 1970ع ڌاري لڏي رتي ديري ۾ آباد ٿيو ۽ ڪجهہ وقت تائين اتي هڪ ديني مدرسو قائم ڪيائين. آخري عمر ۾ رتي ديري مان لڏي زيد ڪالوني لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ننڍي پٽ عبدالرشيد سان گڏ رهڻ لڳو ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن اتي ئي گذاريائين. (18)

ٿورن لفظن ۾ ايئن چئجي تہ مولانا صاحب سنڌ جي ڪيترن ئي مدرسن هڪ مدرس جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو، پر پنهنجي اصول پسندي ۽ خودداري جي ڪري ڪٿي بہ لڳاتار رهي نہ سگهيو. آخرڪار پنهنجي گهر ۾ ئي چار يا پنج شاگرد رهائي انهن کي پڙهائيندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو پاڻ ڪوبہ مدرسو قائم نہ ڪري سگهيو. جڏهن تہ مختلف جاين تي پڙهائڻ ڪري سندس شاگرد سڄي سنڌ ۾ پکڙيل آهن جن جو ڪو ڪاٿو ئي نہ آهي. پنهنجي انهيءَ تدريسي سفر کي مختصر لفظن ۾ مولانا چانڊيي هن طرح خوبصورت شاعريءَ جو روپ ڏئي پيش ڪيو آهي:

بس انهتر سال ٿي آهي عمر
سال ڪي تعليم ۾ ڪي دربدر
امروٽ ۾ گهشر ۽ واره اندر،
سال اٺ نوٽي رهيم هر وه اندر.

مولانا توحيد پرستن جو امام هو. سندن تقرير توڙي تحرير جو رنگ ڍنگ فلسفاڻو ۽ منطقي هوندو هو جنهن ڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڏي مقبوليت ماڻيائين. ديني جلسن کي ڪڏهن بہ پنهنجي گذر سفر جو وسيلو نہ بڻايائين. انهيءَ لاءِ پاڻ ڪڏهن بہ ڪرائي ۽ راهہ خرچ لاءِ ٻولي نہ ڪندو هو. سندس واعظ تمام ئي عمدو ۽ قرآن ۽ سنت رسول جو آئينہ دار هوندو هو. پاڻ مدلل انداز ۾ توحيد جي عقيدي جي اپٽار ڪندا هئا ۽ شرڪ، بدعتن ۽ باطل ۽ فاسد رسمن جوتمام ئي سهڻي انداز ۾ رد پيش ڪندا هئا، جيئن پاڻ هڪ شعر ۾ فرمايائون:

هيءَ عمر تبليغ ۾ توحيد ۾
قرآن جي تفسير ۾ تمجيد ۾.

مولانا عبدالله علم المناظره جو وڏو ماهر ۽ هڪ جيد عالم هو. بمختلف عقيدن وارن سان سندن گهڻا مناظرا ۽ بحث مباحثا ٿيا جن ۾ هر ڀيري مولانا صاحب کي سرسي رهي.(19) مولانا جي ڪيل مناظرن کي جيڪڏهن ڪتابي صورت ۾ آڻجي ته هوند هڪ ضخيم ڪتاب جڙي پوي.

مولانا عبدالله ڪن سورتن جو تفسير پڻ ڪيو جن ۾ سورت فاتحه، ياسين، اخلاص، الفلق، المؤمن ۽ سورت النور جو تفسير ڇپجي چڪو آهي. ان ڪانسواءِ سندس ڇپيل ڪتابن ۾ افڪار عبدي، اصحاب ثلاثه جي خلافت ۽ مقابلات سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهن. اڻ ڇپيل ڪتابن ۽ رسالن ۾ مصباح الايته في شان الصحابه، حيات عيسىٰ، اوامر و نواهي، الاقضاء، ڪلمون شريف، مفهومات القرآن في سورت الڪليات (عربي)، عمدرة الميراث (عربي) انسان ۽ خواهشات جو صحيح رستو (منظوم سنڌي)، نبي ۽ نبوت جي سڃاڻپ، مزراعيت جي ترديد، ثناء محمدي (فارسي، شبنم شريعت (فارسي)، مطالب القرآن، مذهبِ شيعه جا اسباب ۽ ڪي ٻيا ڪتاب شامل آهن.(20)

مولانا عبدالله سنڌ ڌرتيءَ جي تمام ئي بلند پائي جي شاعرن مان هڪ هو. پنهنجي پرائمري واري زماني کان وٺي ئي شاعري ڪندو هو. شاعريءَ سان سندن لڳاءُ آخري عمر تائين جاري رهيو. پاڻ هر صنف تي شاعري ڪيائين جيڪا علم العروض جي اصولن مطابق هوندي هئي.

سندس شاعريءَ جو موضوع توحيد جي پرچار، مولود، شرڪيه عقيدن جو رد، معاشرتي اصلاح، حرمين جي سڪ ۽ حرمين جي زيارت جي آس ۽ اميد هو. پاڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي علمي ڪوشش جو ذڪر پنهنجي ئي شاعريءَ ۾ ڪجهه هن طرح ڪيو اٿائون.

نثر ۾ نظم ۾ ڪيئي ڪتاب
شعر ۾ مولود ۾ منهنجا جناب
فارسي سنڌي ۽ عربي ۾ چيم
عمر پياري کي ائين ئي گم ڪيم
بس تمنا آ مديني جي مدام
من ڪري الله منهنجو انتظام
هڪ خدا راضي رهي ۽ پيو رسول
تان ٿيان درگاهه ۾ جيڪر قبول
هي سمورو حال ۽ احوال آ
هي سمورو قال ۽ هي خيال آ
نيت هڪڙي ڏينهن ۾ مرڻو آهي

قبر جي ان پيٽ کي پرٽو آهي
پر پڙهندي شل مران قرآن کي
۽ بچائي مان وڃان ايمان کي
نالو منهنجو چانڊيو عبدالله آ
خالق ۽ مالڪ فقط الله آ
بس ڪيان ٿو ختم هن احوال کي
انگري جي اسي سال کي.(21)

مولانا عبدالله سنڌي سان گڏوگڏ فارسي ۽ عربي ٻوليءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي. نموني جي طور تي سنڌي جي معراج نامہ مان ڪي بند هيٺ ڏجن ٿا جن ۾ پاڻ نهايت ئي خوبصورت لفظن ۾ معراج نبوي جي عظمت ۽ اهميت کي بيان ڪيو اٿس. سندس لفظن ۾ رواني بہ آهي تہ تجنيس حرفي ۽ ٻيون صنعتون استعمال ڪري، ڪلام کي ڏاڍو خوبصورت ۽ فصيح بنايو اٿس.

معراج آ اظهار محبت جو نمونو
معراج آ گلزار ۽ جنت جو نمونو
معراج آ اعلان صداقت جو سراسر
معراج آ کيڪار ۽ عزت جو نمونو
معراج آ الفت جي علامت جي نشاني
معراج آ ديدار صورت جو نمونو
معراج آ محبوب جي محفل جي روايت
معراج آ اغيار کان غيرت جو نمونو
معراج آ محمد کي ملي عيد جي دعوت
معراج آ عبد جي همت جو نمونو
معراج آ الله جي ديدار جي مجلس
معراج آ اثبات حقيقت جو نمونو
طالب جي کپي توکي ديدار دلارا
معراج جو کر يار قصو قرب قرارا.(22)

پاڻ فارسي ۽ عربي ۾ بہ شاعري ڪئي اٿس. ٻنهي ٻولين ۾ سندس مهارت سندس ڪلام جي روانيءَ مان ظاهر ٿئي ٿي. سندس فارسي ۽ عربي ڪلام مان چند سٽون نموني خاطر هيٺ ڏجن ٿيون:

**فارسي شعر (يار جي ياد)**

يارم ڪجا شده است ڪہ دلجان ربوده است
واپس بدا دن دل امڪان ربوده است
بي گل مباد بلڪل بي گلستان نہ گل
گل دل زعندليب چو بيگان ربوده است
چشم بغير درويش گريد چو زار زار
صبر از دل ببرد و از جان ربوده است
بيمار دل ببرد تنم شڪستہ داد
ابن آن طبيعت است ڪہ رومان ربوده است
اين عيد چيست زيرا ڪہ از رمز غمز او
باج از جهان و تاج از شاهان ربوده است (23)

**عربي نظم (زيارت سولﷺ جي محبت ۾)**

ارجو اریٰ المدينت هاذا هو الرجاء
اذيس لي سڪون في السند لا ڪراءِ
هلا اري الحبيب وان ڪنت بالزاد
وليڪن لي الزهاب الیٰ سڪن الحبيب
والله هو قدير لڪن ان ايشاء
ان ڪان لي ڪتاب في اللوح والرضاء
عمري معنیٰ فراقاً من اربعين سنت
شيناي تجر يان ولست لها الدموع
عشر و نفقد معنیٰ من عمري بالبڪاء
ان ينفذ الدموع فلا دمع لا الدماء
حار الطبيب بعد از اضر في الذواء
انا اذا رایٰ المدينت اطرف ڪعندليب
ماذا العلاج لما لم ينفع الدعاء
في موسم الربيع اذا اذهر البهاء
يا يها انربيع و يا يها الصباح
حان الزمان هبا فلينبت الرياء
يا فاتق السماء ويا فالق الصباح
يا منبت الثمار و يامن بهہ اڪتفا
للعبد ڪالمنا جي هي رضاً و رحماً
سباً الي الدينت من ليس لد وفاء

مولانا عبدالله پنهنجي سموري ڄمار هڪ بي لالچ، بي طمع، سادگي پسند ۽ بااصول انسان جي حيثيت ۾ گذاري. سندن سموري زندگي قول توڙي فعل ۾ مشهور اصحابي سڳوري حضرت ابوذر غفاري وانگر گذري. پاڻ زاهد عن الدنيا ۽ راغب الي الله جي مصداق هئا.

مولانا عبدالله چانڊيو پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ شيخ زيد ڪالوني لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي ننڍي پٽ وٽ رهندي بيمار ٿي پيو ۽ اپريل 1984ع مطابق 8 رجب 1404هه ڌاري اربع جي ڏينهن هن فاني جهان کي ڇڏي مالڪ حقيقي سان ملاقاتي ٿيا. (انا لله و انا اليه راجعون) (24)

يقينن مولانا عبدالله چانڊيي جي شخصيت انهيءَ لائق آهي ته سندس ڪيل ڪم تي اجان به وڌيڪ تحقيق ڪئي وڃي ۽ سندس نثر توڙي نظم ۾ ڪيل خدمتن کي سهيڙي اهل علم جي اڳيان پيش ڪيو وڃي.

## مددي ڪتاب / حوالا:


1) مولائي شيدائي، رحيمداد خان: جنت السنڌ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2015، ص 42.
2) عباسي محمد احمد منصور، سنڌيڪار: تهذيبن جي عالمي تاريخ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2015، ص 73
3) مولائي شيدائي، رحيمداد خان: جنت السنڌ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2015، ص 47 کان 58.
4) مولائي شيدائي، رحيمداد خان: تاريخ تمدن سنڌ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، ڇاپو ٻيون، 1995، ص225
5) مولائي شيدائي، رحيمداد خان: جنت السنڌ، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سال 2015، ص 132.
6) سرور سيف: جي مون ماٽڪ ميڙيا، مهراڻ سائنس پبليڪيشن، نم جي چاڙهي سکر، 2000ع، ص 17 - 33.
7) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامه شريعت سکر، آڪٽوبر 1984ع، ص7.
8) ايضاً.
9) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامه شريعت سکر، آڪٽوبر 1984ع، ص9.
10) ايضاً.
11) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسه مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 9.
12) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامه شريعت سکر، آڪٽوبر 1984ع، ص 10 - 9.
13) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسه مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 10.
14) نهڙي، نور محمد حافظ: تذڪره علماءِ حقاني، مڪتبه اصلاح و تبليغ مارڪيٽ ٽاور حيدرآباد، سال 2001ع، ص276.
15) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامه شريعت سکر، آڪٽوبر 1984ع، ص11
16) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسه مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 13.
17) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامه شريعت سکر، 1984ع، ص12 کان 15
18) نهڙي، نور محمد حافظ: تذڪره علماءِ حقاني، مڪتبه اصلاح و تبليغ مارڪيٽ ٽاور حيدرآباد، سال 2001ع، ص278 کان 289.
19) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسه مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 22 کان 26.
20) نهڙي، نور محمد حافظ: تذڪره علماءِ حقاني، مڪتبه اصلاح و تبليغ مارڪيٽ ٽاور حيدرآباد، سال 2001ع، ص280.

21) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسہ مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 28.
22) سومرو محمد قاسم، مولانا: حضرت مولانا عبدالله چانڊيو، ماهنامہ شريعت سکر، 1984ع، ص 18 - 19 .
23) نوناري، عبدالحئي: مقابلات، مدرسہ مصطفائي، اسٽيشن روڊ شڪارپور، سال 1983، ص 30 کان 32.
24) نهڙي، نور محمد حافظ: تذڪره علماءِ حقاني، مڪتبہ اصلاح و تبليغ مارڪيٽ ٽاور حيدرآباد، سال 2001ع، ص281.